

# آسان سنڌي

## چوٿين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ،
ڄامشورو



# آسان سنڌي ڪتاب

## چوٿين ڪلاس لاءِ



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو

ڇپيندڙ
سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو جو تيار ڪيل ۽ سنڌ صوبي
جي تعليم کاتي جو صوبي جي پرائيمري اسڪولن لاءِ
واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.
ڪتابن جي نصاب جي جاچڙي واري قومي ڪميٽيءَ جو سڌاريل

نگرانِ اعليٰ: ★ پروفيسر عبدالعزيز مهراڻوي
★ چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

لکندڙ: ★ ڊاڪٽر غلام علي الانا
★ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ايڊيٽر: ★ ڊاڪٽر غلام علي الانا
★ امداد حسيني

نگران: ★ سيد امداد حسيني
★ عباس علي نظاماڻي
★ شفيع محمد چانڊيو

هي ڪتاب پنجاب پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سَبَقُ پَهريون

# ڏَڻي سڳورو

هن ساري جَهانَ کي ڏڻيءَ سڳوري پيدا ڪيو آهي. هُو اسان سڀني جو خالقُ ۽ مالڪُ آهي. هُنَ پَنهنجي قُدرتَ سان زمينَ، آسمانُ، سِجُ، چَنڊُ ۽ تَارا بڻايا آهن. هُنَ اسان جي سُکَ لاءِ پاڻي، اناجُ ۽ ٻيُون اهڙيون ضروري شيُون پيدا ڪيون آهن.

الله سائين ڏاڍو مِهربانُ ۽ ٻاجهارو آهي. هُو اسان سڀني توڙي ٻين ساهوارن جي ڏينهن رات سنڀالَ لهي ٿو ۽ روزي رسائي ٿو.

هُو هَر هَنڌ حاضر آهي. اسان هُنَ کي نَٿا ڏسون، پر هُو اسان سڀني کي ڏِسي ٿو. اسان جيڪي ڪمَ ڪَريون ٿا، سي سَڀُ هُو ڄاڻي ٿو. اسان جا لِڪل ڪَمَ ٻـ هُنَ کان ڳُجها ڪين آهن.

ڏڻيءَ سڳوري اسان کي، انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي تـ چڱا ڪَمَ ڪَريون ۽ چڱي چال هَلُون.

اسان کي گُهرجي تـ ڏڻيءَ سڳوري کي ياد ڪريون ۽ سَندس حُڪمَ تي هَلُون.

# مشق

(الف) هيٺين جملن ۾ خال ڀريو:

١- هن ساري جهان کي......پيدا ڪيو آهي.

٢- هن پنهنجي قدرت سان...... ٺاهيا آهن.

٣- الله سائين ڏاڍو........۽....... آهي.

٤- هو هر هنڌ.......آهي.

٥- هن اسان کي انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ.......

ڪريون ۽ چڱي...... هلون.

(ب) هيٺيان لفظ پنج پنج ڀيرا لکو.

خالقُ- ٻاجهارو- روزي- ڳجها- حڪم

(ج) هيٺيان لفظ پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڏاڍي سگهورو- خالق- آسمانُ- مهربانُ- حاضر

(د) پڙهو ۽ جملا پورا ڪريو:

| | |
|---|---|
| ١- اسان کي الله تعاليٰ جو حڪم آهي تہ...... | محنت ڪر |
| ٢- مون کي استاد جو حڪم آهي تہ......... | انصاف ڪريو |
| ٣- مون کي بابا جو حڪم آهي تہ.......... | قانون تي هلو |
| ٤- اسان کي سرڪار جو حڪم آهي تہ....... | سچ ڳالهاءِ |
| ٥- اسان جو فرض آهي تہ ............... | سچ ڳالهايون |
| ٦- منهنجو فرض آهي تہ ............... | سچ ڳالهايان |

سَبَقُ ٻيو

# مُنهنجا مِٺڙا مولا سائِين!

ٻُون جا، اُبَ جا، سڀ جا سائين!
منهنجا مِٺڙا مولا سائين!

سَرِنهَين جا گُلَ پيلا پيلا،
مَٽرن جا گُلَ نيلا نيلا،
پوپَٽَ تاهيئه ڪهڙا سائين!
منهنجا مِٺڙا مولا سائين!

پيءُ جي دل ۾، ماءُ جي دل ۾،
ڀيڻ جي دل ۾، ڀاءُ جي دل ۾،
پيار ڪيو تو پيدا سائين!
منهنجا مِٺڙا مولا سائين!

الله سائين! ڏي ايمانُ،
ٻائر آهيون سڀ انسانَ،
تنهنجا ٻانها، بندا سائين!
منهنجا مِٺڙا مولا سائين!

- استاد بخاري

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- الله سائينءَ جا ڇا اُپايو آهي؟

٢- شاعر، الله سائينءَ کان ڪهڙي دُعا گهري ٿو؟

(ب) هيٺيان لفظ لکو:

منڙا- پائر- سرنهين- پون- اُپ- پانها.

(ج) خال ڀريو:

الله سائين ڏي ......

...... آهيون سڀ انسان.

تنهنجا پانها....

...... مولا سائين

(د) ڏنگين مان لفظ چونڊي خال ڀريو:

١- سرنهين جا گل......ٿيندا آهن. (نيلا، پيلا، اڇا)

٢- پيءُ ۽ ماءُ جي دل ۾......پيدا ڪيو (پيار، لالچ، نفرت)

٣- الله سائين......ڏي (دولت، ايمان، صحت)

سَبَقُ ٽيون

# مير غلام محمد خان ٽالپُر

مير غلام محمّد خان ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ جنم ورتو. تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري، سندس نالو سنڌ ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي.



مير صاحب هڪ وڏي جاگيردار هوندي به پنهنجو وقت فقيري ۽ غريبيءَ ۾ گذاريندو هو. جاگير جي پيدائش جو وڏو حصو غريبن ۽ مسڪينن کي خيرات طور ڏيئي ڇڏيندو هو.

دنيا جي لاهين چاڙهين مان لنگهڻ ڪري، کيس غريبن جي حالتن جو گهڻو آزمودو هو. انهيءَ ڪري کيس خيال ٿيو ته سنڌ ۾ غريبن ۽ مسڪينن جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جو بندوبست ڪجي. انهيءَ ارادي سان هن پنهنجي ڳوٺ، ٽنڊي باگي ۾ پهرين هڪ ننڍو

انگريزي اسڪول کولڻ جو بندوبست ڪيو. ان سان گڏ بورڊنگ هائوس بہ کوليائين، جنهن ۾ شاگردن کي کاڌو پيتو مفت ڏيڻ جو بندوبست ڪيائين.

ڪجھ عرصي کان پوءِ شهر جي ٻاهران هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل لاءِ هڪ عاليشان عمارت جوڙايائين، جتي ٻين سان گڏ هارين نارين جي ٻارن کي بہ آٿي تعليم ڏياريائين. اهو اسڪول اڄا تائين قائم آهي ۽ "مير غلام محمد ٽالپر گورنمينٽ هاءِ اسڪول" جي نالي سان مشهور آهي.

مير صاحب هڪ رحمدل ۽ ديندار انسان هو. سرءُ جي موسم ۾ جڏهن لاڙ ۾ موسمي تپ پکڙجي ويندو هو، تڏهن هو پنهنجي خرچ سان ڊاڪٽر گهرائي، تي مهينا غريبن جو مفت علاج ڪرائيندو هو.

مير صاحب زناني تعليم ۽ صحت لاءِ بہ خاص بندوبست ڪيو، ٽنڊي باگي ۾ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ اسڪول کولايائين.

زالن جي علاج لاءِ هڪ ڊاڪٽرياڻي رکيائين ۽ ويم گهر بہ قائم ڪيائين. اهڙيءَ طرح لِڪَ ڇِپَ ۾ پلائيءَ جا ٻيا آنيڪ ڪم ڪيائين.

انگريز سرڪار سندس خدمتن جو قدر ڪندي ڪيس "خان بهادر" جو لقب ڏنو.

هن نيڪ ۽ سخي مرد سنه ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪئي. هر سال ٽنڊي باگي ۾ سندس ورسي ملهائي ويندي آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١ـ مير غلام محمد ٽالپر ڪٿي جنم ورتو؟

٢ـ هو ڪهڙي خاندان سان تعلق رکندو هو؟

٣ـ هن غريبن جي ٻارن لاءِ تعليم جو بندوبست ڇو ڪيو؟

٤ـ هن ڪهڙا ڪهڙا خير جا ڪم ڪيا؟

٥ـ انگريزن هن کي ڪهڙو لقب ڏنو؟

(ب) ڏنگين مان لفظ چونڊي صحيح جواب ڏيو:

١ـ ٽنڊي باگي جي ٻاهران (هاءِ اسڪول، اسپتال، مسافرخانو) قائم ڪيائين.

٢ـ مير صاحب وڏي جاگيردار هوندي به (غريبي، تونگري، شان و شوڪت) واري زندگي گذاريندو هو.

٣ـ (تعليمي ۽ سماجي، سياسي ۽ ادبي) خدمتن ڪري سندس نالو وڏي عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي.

۴- مير صاحب (زناني تعليم، ہواءِ اسڪائوٽس) جو پڻ بندوبست ڪيو.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

**عزت- فقيري- هاري- سرءُ**

(د) ڏنگين مان لفظ چونڊي خال ڀريو:

**۱- ٽنڊو باگو..... ضلعي جو هڪ تاريخي (بدين، ٺٽو، سکر) شهر آهي.**


**۲- موسمي تپ.....جي موسم ۾ پکڙيو آهي. (بهار، سياري، سَرءُ)**

**۳- مير غلام محمّد ٽالپر جو نالو...... خدمتگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. (تعليمي، سياسي، ادبي)**

سَبَقُ چوٿون

# ٻار جو ڪارنامو

ٻارو! اڄ اوهان کي نَوَن سالن جي هڪ ڏاهي نينگر جي ڳالهه ٻڌايان. الهه رکئي نالي هڪ ڇوڪرُ، سنڌي چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. هو روزانو پنهنجي ڳوٺ بادل پنهورَ



ڪان، دادوءَ پڙهڻ ويندو هو. هڪ ڏهاڙي عيد جي موڪل ڪري، ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرن سان گڏجي، پَر واري ڳوٺ

هيتَم جتوئي ويو. گهمندي گهمندي هو ريل جي پٽي تي اچي ويٺو. هن ريل جو پٽو ڀڳل ڏسي، خيال ڪيو تہ جيڪڏهن رِيل گاڏي هتان لنگهندي تہ ڪِرِي پوندي. ان خيال ۾ ئي هو تہ لاڙڪاڻي طرف کان "موئن جو دڙو ايڪسپريس" ايندي ڏٺائين. هُن ڇا ڪيو، جو ريل جي پٽي جي وچ تي بيهي، گاڏيءَ کي بيهارڻ لاءِ هٿ سان اشارا ڪرڻ لڳو. جڏهن گاڏي کيس ويجهو آئي تہ بہ بيٺو رهيو! نيٺ گاڏي بيهي ويئي. ڊرائيور ۽ گارڊ، ڀنهي ريل جو پٽو ڀڳل ڏسي، ڇوڪري کي شاباس ڏني ۽ کيس انعام پڻ ڏنو.

پاڪستان سرڪار بہ ڇوڪري جي ان نيڪ ڪم جو قدر ڪندي، کيس اسڪالرشپ ۽ ٻارهين ڪلاس تائين مفت تعليم ڏيارڻ جو اعلان ڪيو ۽ کيس انعام پڻ ڏنو.

ٻارو، جيڪڏهن الهہ رکيو ايڏي همّت نہ ڪري ها تہ ريل گاڏي پٽي تان ڪِرِي پوي ها ۽ ڪيترن جانيِ ۽ مالي نقصان ٿئي ها. اسان کي بہ گهرجي تہ اهڙي وقت سِر جو سانگو نہ ڪريون ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي بہ، مُلڪ جي خدمت ڪريون.

# مشق

(الف) خالي خانن ۾ اکر لکي لفظ ٺاهيو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ن | ي | | گ | ر |
| ا | ع | ل | ا | |
| ا | ن | | ا | ن |
| ڏ | | ا | ڙ | ي |
| ا | ن | | ا | م |

(ب) ڏنگين مان لفظ چونڊي صحيح جواب ٺاهيو:

١- الهہ رکيي نالي نينگر......ڪلاس ۾ پڙهندو هو.
(اٺين، ڏهين، چوٿين)

٢- هو روزانو ..... پڙهڻ ويندو هو.
(دادو، جوهي، سيوهڻ)

٣- عيد جي موڪل تي هو ..... گهمڻ ويو.
(لڪي، منڇر، هيتم جتوئي)

٤- ريل جو پنو.....ڏنائين.
(ٻگل، جُڙيل، ڏار)

٥- اُن خيال ۾ هو تہ لاڙڪاڻي طرف کان....... ايندي ڏٺائين
(خيبرميل، ڪراچي ايڪسپريس، موئن جو دڙو ايڪسپريس)

(ج) هيٺيان لفظ پنج پنج ڀيرا لکو:

ڏاهي، ڳالهہ، ڳوٺ، هَٿ، ڏسي.

سَبَقُ پنجون

# صحت ۽ صفائي

گُلو، کهڙو نہ گدلو ٿو ڏسڻ ۾ اچين ! مان سمجهان ٿو تہ ٻن ٽن ڏينهن کان وهنجڻ بہ ڇڏي ڏنو اٿيئي. ڏِس تہ تو مان کهڙي نہ ڪني بانس پيئي اچي.

شايد ڏندڻ بہ ڪونہ ڏيندو آهين. ڪپڙا بہ کهڙا نہ ميرا اٿيئي. ٻَري ٿي بيهہ! چوين پيو تہ مَٿي ۾ سُور ۽ تَپُ اٿم، سو ڇو نہ ٿيندءِ؟ هيءُ سڀ گدلائيءَ کان ٿيو اٿيئي.

هاڻي ٻُڌُ: صُبح ٿئي تہ ڏندڻ ڏجي. تازي پاڻيءَ سان وهنجڻ کپي، صاف ڪپڙا پائجن. هَرويرو اُجن ڪپڙن پَهرَڻُ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪپڙا سادائي هجن، پر اڇا اُجرا هجن.

صفائي ڪندين تہ سيڪو پيو پائيندءِ. صاف رهڻ ڪري، بيماري بہ ويجهي نہ ايندءِ ۽ سدائين تندرست گذاريندين. جيڪڏهن توکي پنهنجي صحت جو خيال آهي تہ جيئن توکي چيو اٿم، تيئن وحي ڪج.

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- ڪپڙا ڪهڙا پائڻ کپن؟

٢- ڏندڻ ڏيڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

٣- صاف ڪپڙا ڇو پائڻ گهرجن؟

(ب) هيٺين لفظن جا ضد لکو، جيئن:

ميرا ________ صاف

گدلو ________ .......

هانس ________ .......

تازو ________ .......

سادا ________ .......

اُجا ________ .......

ويجهي ________ .......

(ج) غلط ڳالهين جي سامهون × نشان ڏيو ۽ صحيح ڳالهين جي سامهون (✓) نشان ڏيو:

١- صبح ٿني تہ ڏندڻ ڏجي.

٢- ڪپڙا سادا نہ پر اُجا پائڻ گهرجن.

٣- صاف رهڻ ڪري بيماري ويجهي ڪانہ ايندي.

٤- تازي پاڻيءَ سان وهنجڻ کپي.

# نَعت

خُدا جو پيارو، اسان جو نَبِي،
سَدا جيءَ جيارو، اسان جو نَبِي.

اَچڻ سانُ تَنهن جي، ٿيو روشن جهانُ،
آهي نُور سارو، اسان جو نَبِي.

ٻُڏا جي گناهَن ۾، تن لاءِ ٿيو،
ڪَنڌِي ۽ ڪنارو، اسان جو نَبِي.

غَريبَن اَجهو، اوٽ ۽ آسرو،
وَڏي شان وارو، اسان جو نَبِي.

نَبِيَن ۾ پويون، نَبِي پاڪُ ٿيو،
سونهارو، موچارو، اسان جو نَبِي.

- حڪيم فتح محمّد سيوهاڻي

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- خدا جو پيارو نبي سڳورو ڪير آهي؟

٢- اسان جي نبي سڳوري جي اچڻ ڪري جهان ڪيئن ٿيو؟

٣- غريبن جو اجهو ۽ آسرو ڪير آهي؟

٤- نبين ۾ پويون نبي ڪير آهي؟

(ب) هڪ جهڙن آوازن وارا يعنى هم قافيا لفظ ٺاهيو: جيئن:

پيارو———— جيارو

نيارو————......

وارو ————......

سونهارو————.....

(ج) هيٺيان لفظ پنج پنج ڀيرا لکو:

سدا- جيارو- نور- ڪَنڌِي- اجهو- اوٽ- سونهارو- موچارو.

(د) هيٺيان خال ڀريو:

خدا جو پيارو اسان جو نبي

......اسان جو نبي


اچڻ سان تَنهن جي ......

آهي نُور سارو ......

سَبَقُ ستون

# سِنڌ

هيءَ سنڌ جو نقشو آهي. سنڌ، پاڪستان جو ڏکڻ وارو صوبو آهي. سنڌ جي اُتر ۾ پنجاب، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ ڪڇ جو رڻ، اولهه ۾ بلوچستان ۽ اوڀر ۾ هندستان جو راجپوتانا صوبو آهي.




اسان جي سنڌ ۾ ٽيويهه ضلعا آهن. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچي آهي، جو مشهور ساموندي بندر پڻ آهي.

سنڌ کي سنڌوندي آباد ڪري ٿي. اها سنڌ جي وچ مان وهي، ڪيٽي بندر وٽ، عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

هن صوبي جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ موئن جو دڙو جهونو يادگار آهي. سڄي دنيا مان، هن دڙي کي ڏسڻ لاءِ سياح ايندا آهن.

سنڌ صوبي جي ٻولي سنڌي آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هن جي ڪلام جي ڪتاب کي "شاه جو رسالو" چئبو آهي.

پاڪستان ۽ هندستان جي سڀني صوبن کان اڳ اسلام، سنڌ ۾ آيو، جنهن ڪري سنڌ کي "باب الاسلام" چيو ويندو آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سنڌ صوبي جي ڏکڻ ۾ ڇا آهي؟
٢- سنڌ صوبي ۾ گهڻا ضلعا آهن؟
٣- سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي؟
۴- سنڌ کي "باب الاسلام" ڇو ٿو چئجي؟

(ب) ڏنگين مان لفظ چونڊي جملن ۾ خال ڀريو:

١- سنڌ پاڪستان جو......وارو صوبو آهي. (اولهه، اُتر، ڏکڻ)
٢- سنڌ ۾......ضلعا آهن. (پندرهن، سورهن، ٽيويهه)

٣- ....... سنڌ صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي. (ڪراچي، حيدرآباد، سکر)

٤- ....... سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. (سچل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سانگي)

٥- سنڌ کي..... ندي آباد ڪري ٿي. (سنڌو ندي، حب، راوي)

(ج) هيٺ ڏنل لفظن جا جمع ٺاهيو، جيئن:

گهوڙو ________ گهوڙا

صوبو ________ .......


نقشو ________ .......

دڙو ________ .......

وڏو ________ .......

سَبَقُ اَٺون

# مون کي پاڻِي پيار



مون کي ڏاڍي اُڃَ لڳي آهي.
اَديءَ کان گلاس وَٺُ.

مون کي پاڻي پيار.
گُهگهيءَ مان پاڻي پيار.
هُوءَ ڏس، ٻاهَر اڱڻ ۾ گُهگهي آهي.
گُهگهي پِٽ وٽ آهي.
هاڻي گلاسَ ۾ پاڻي ڀَر.
صاف هَٿن سان گلاس ۾ پاڻي وِجُهه.
هاڻي گلاس مون کي ڏي.
پوءِ، گُهگهي دَرَ وٽان کَڻُ.
اها پَٽَ تان کَڻُ.
گُهگهي پَٽَ تي نہ رک.
گُهگهي گهڙامَنجيءَ تي رک.

# مشق

(الف) هيٺيان خال ڀريو:

١- مون کي ڏاڏي........لڳي آهي.

٢- مون کي ........ پيار.

٣- گهڪِي........ وٺان ڪَڻُ.

٤- گهڪِي........ تي رک.

(ب) پنج پنج ڀيرا لکو:

وٺُ، پيارڻُ، پرڻُ، ڪٽڻُ، رکڻُ.

(ج) هيٺين لفظن جون معنائون ڏيو:

اڄ، اڱڻُ، در، پَٽ، گهڙامنجي.

( د ) شين جا نالا لکو:






# سَبَقُ نائون

## مڪليءَ جو سير

مڪلي ٽڪري سنڌ جي قديم شهر ٺٽي جي ويجهو قومي شاهراه تي آهي. هتي ڪيترائي تاريخي آثار ۽ يادگار آهن. هتي هڪ وڏو قبرستان آهي. هن قبرستان ۾ سنڌ جي ڪن بادشاهَن، اميرن، وزيرن، شهزادن، شهزادين، ولين، درويشن ۽ عالمن جون مزارُون ۽ مقبرا آهن. اهي مقبرا ڏسڻ لاءِ هتي پري پري کان سَيّاح ايندا آهن.

انهن مقبرن ۾ ڪم آندل پٿر تي اُڪر جو سٺو ڪم ٿيل آهي. مقبرن ۽ انهن جي ديوارن تي اُڪريل ڊار ڊار قسمن جي گلن، شڪلين ۽ ڊزائينن کان سواءِ قرآن شريف جون آيتون پڻ اُڪريل آهن.

هن ٽڪريءَ تي پاڪستان سرڪار جي آثار قديمه کاتي جي آفيس ۽ مسافرخانو ٺهيل آهي. هتي ڊگري ڪاليج، ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۽ ٻيون آفيسون پڻ آهن.

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

۱۔ مڪلي ٽڪري ڪٿي آهي؟

۲۔ مڪلي ٽڪري ڇا ڪان مشهور آهي؟

۳۔ مڪليءَ جي قبرستان ۾ ڪنهن جون ڪنهن جون مزارون ۽ مقبرا آهن؟

۴۔ مڪليءَ تي پري پري ڪان سيّاح ڇو ايندا آهن؟

(ب) صحيح ڳالهين تي (✓)نشان ڏيو ۽ غلط ڳالهين تي(×)نشان ڏيو:

۱۔ مڪلي ٽڪري ڪراچيءَ جي ويجهو آهي.

۲۔ مڪليءَ تي سيّاح گهمڻ ايندا آهن.

۳۔ مڪليءَ تي رهڻ لاءِ ڪابه سهولت ڪانهي.

(ج) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو، جيئن

ٽڪري ________ ٽڪريون

مزار ________........

دیوار ______________ .......

قبر ______________ .......

شکل ______________ .......

(د) پڑھوءِ یاد ڪريو:

| | | |
|---|---|---|
| آچَرُ | آچُ | آچو |
| وَحَرُ | وَچُ | وچو |
| لکڻُ | لکُ | لکو |
| پَڙهڻُ | پَڙهُ | پڙهو |
| هَلَڻُ | هَلُ | هَلو |



## سَبقُ ڏهون

# نُوري نِماڻي

سنڌ جي سَمي حاڪم ڄام تماچيءَ جي وقت ۾، ٺٽي جي ويجهو، ڪينجهر ڍنڍ تي مهاڻا رهندا هئا. ونِ نُوريءَ نالي، هڪ نينگري هوندي هئي، جنهن جي صورت ۽ سيرت جي ڳهڙي ساراهه ڪجي!

هڪ لڳا ڄام تماچي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، ڪينجهر ڍَنڍَ جو سير پئي ڪيو ته اوچتو سندس نظر وڃي، نوريءَ تي پيئي. هوءَ ڪيس گهڻو وڻي ويئي، جنهن ڪري مُهاڻن ڪان، نوريءَ جو سَڱُ گهريائين، مُهاڻن جي ته الله ٻُڌي! هڪدم وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيائون.

نوريءَ کي ڄام تماچي ڏاڍو پيائيندو هو، پر تڏهن به نوريءَ جو مَنُ نه وڌيو. سدائين نياز ۽ نِئڙت سان هلندي هئي.

هڪ ڀيري نوريءَ جي نماڻائي ۽ نياز جي پَرک لهڻ لاءِ ڄام سيني راڻين کي چوائي موڪليو ته: "اڄ اوهان تيار ٿي ويهجو، دل جنهن کي چاهيو، تنهن کي پاڻ سان سير تي وٺي ويندس." سيني راڻين عمدا وس وڳا ۽ هار سينگار ڪيا، پر

نوري پنهنجو اباڻو وڳو اوڍي، ويهي رهي. ڄام جڏهن محلات ۾ آيو، تڏهن نوريءَ جو نياز ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاڻ سان سير تي وٺي ويس.

**انسان کي گهرجي تہ سدائين نياز ۽ نِئڙت سان هلي.**

## مشق

(الف) ڏنگين مان لفظ چونڊي خال ڀريو:

١- ....... ڍنڍ تي مهاڻا رهندا هئا.

(ڪينجهر، منڇر، هاليجي)

٢- ڄام تماچيءَ جي نظر وڃي ....... تي پيئي.

(سَسئيءَ، مارئيءَ، نوريءَ)

٣- نوري سدائين ....... ۽ ....... سان هلندي هئي.

(صبر ۽ توڪل، نياز ۽ نئڙت، حسُن ۽ وڏائي)

٤- ڄام تماچي ....... گهراڻي جو حاڪم هو.

(ٽالپر، ڪلهوڙا، سما)

(ب) هيٺين لفظن جا ضد ڏيو:

**ويجهو** ________ .......

**ساراهه** ________ .......

**چڙهي** ________ .......

**نٽرت** ________ .......

**خوش** ________ .......

(ج) نوان لفظ ٺاهيو، جيئن:

**رهڻ** ________ **رهيو**

**ٻُڌڻ** ________ .......

**گھُمڻ** ________ .......

**موڪلڻ** ________ .......

**کِلڻ** ________ .......



## سَبَقُ يارهون

# سُهڻا تارا



چِرخ تي شام جو چمڪڻ وارا!
سُونهن سان پنهنجي ٻهڪَڻ وارا!

سُهڻي سُهڻي صورت تُنهنجي،
دل کي وَڻَندڙ مورت تُنهنجي.

چرخ جي اک جو آهين تارو،
چنڊ جو ننڍڙو ٻچڙو پيارو.

رات جي رونق تُون ئي وڌائين،
واٽهڙن کي واٽ ڏيکارين.

ابر اچي ٿو، هاڻي لڪي وڃُ!
راتِ جي اوٽ ۾ جلد ڇپي وڃُ!

پوءِ ڏسو ويو رات جو گذري،
هاڻي سمهي ڪَر ننڍڙي مِنڙي!

# مشق

(الف) هيٺيان خال ڀريو:

چرخ تي شام جو ........

...... ڀڙڪڻ وارا.

سهڻي سهڻي صورت تنهنجي

.. ـ . مورت تنهنجي

رات جي ...... تون ٿو وڏائين

واڻهڙن کي ........

(ب) هيٺين لفظن جون معنائون ڏيو. جيئن:

چرخ ــ آسمان

ڀڙڪڻ ........

مورت ........ واڻهڙو ........

(ج) هم قافيا لفظ لکو. جيئن:

چمڪڻ ________ ڀڙڪڻ

صورت ________ .......

تارو ________ .......

وڏائين ________ .......

(د) پڙهو ۽ ياد ڪريو:

ڀڙڪڻ ________ ڀَڙَڪُ

چمڪڻ ________ چَمَڪُ

وٺڻ ________ وٺُ

ڪپڻ ________ ڪَپُ

# سَبَقُ ٻارهون




ڳئون گهرُو جانور آهي. ڪِن جو رنگ اڇو، ڪن جو ڪارو ۽ ڪن جو ڳاڙهو ٿيندو آهي ۽ ڪي ڇِٽڪمريون به ٿينديون آهن.

صبح جو ڏنار، گهرن مان ڳئون ڪاهي، جَهنگ ڏانهن ويندا آهن. ڏينهن جو جهنگ ۽ ٻَنيُن مان چاري، پاڻي پياري، شام جو گهرن ۾ پهچائي ويندا آهن. رات جو ڳئن کي مالڪ چارو ڏيندا آهن.

ڳئون گهر ۾، جَنهن هنڌ ٻَڌجي، تنهن کي وَٿاڻُ چئبو آهي. هُوءَ صبح ۽ سانجهيءَ کير ڏيندي آهي. کير پيئڻ کان سواءِ، چانهه ۾ به ڪَم ايندو آهي. اُن کي ڪاڙهي، مائو، برفي ۽ پيڙا به ٺاهيندا آهن. کير کي ڄمائي، ڏڌ ۽ نرو ٺاهيندا

آهن. ڏؤنري کي وِلوڙي، ان مان مَکَڻ ڪڍندا آهن ۽ باقي جيڪي بَچي، تنهن کي ڏُڌُ چوندا آهن. مکڻ مان گيهه به ٺهندو آهي.

ڳئون، گابا ۽ گابيون ڏيندي آهي. گابا جڏهن وڏا ٿيـن، تن کي ڏاند چئبو آهي. ڏاند، بيل گاڏيءَ ۾ بار ڍوئڻ ۽ زميـن ۾ هَرَ ڪاهڻ لاءِ ڪم ايندا آهن.

## مشق

(الف)هيٺيـن سوالن جا جواب ڏيو:

١- ڳئن جا رنگ ڪهڙا ٿيندا آهن؟

٢- ڳئن کي چارڻ لاءِ ڪير ڪاهي ويندا آهن؟

٣- کِير ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

(ب) صحيح ڳالهين تي(✓)نشان ڏيو ۽ غلط ڳالهين تي(✗) نشان لڳايو.

١- ڳئون گهرو جانور ناهي.

٢- ڌنار ڳئون ڪاهي جهنگ ڏانهن ويندا آهن.

٣- ڳئون ڳهرن ۾ جنهن هنڌ ٻڌبي آهي، ان کي طبيلو چئبو آهي.

٤- ڳئون صبح ۽ سانجهي کير ڏيندي آهي.

٥- کير مان برياني ٺهندي آهي.

(ج) هيٺين اسمن مان جمع جا واحد ۽ واحد جا جمع ٺاهيو:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڳهر | ........ |
| اچو | ........ |
| ........ | ڳابا |
| ڳابي | ........ |
| ٻني | ........ |
| رات | ........ |

(د) ڪن ٻه پنجن رنگن جا نالا لکو:


## سَبقُ تيرهون

# موٽر ۽ ريل گاڏي





هيءُ تڪو موٽر آهي.
هِيءُ تڪا موٽر آهن.



موٽرُ تڪو هلي ٿو.
سَڀِ موٽرَ تڪا هلن ٿا.



هيءَ تڪي گاڏي آهي.
هِي تڪيون گاڏيون آهن.



گاڏي تڪي هلي ٿي.
ريل گاڏيون تڪيون هلن ٿيون.



آءٌ ڍرو هلان ٿو.
آءٌ ۽ اسلمُ ڍرا هلون ٿا.
اسين ڍرا هلون ٿا.
اسين موٽر ۽ ريل گاڏيءَ کان ڍرا هلون ٿا.

# مشق

(الف) خال ڀريو:

| | |
|---|---|
| هيءُ ........ موٽر آهي. | تڪو- تڪا |
| هي ........ موٽر آهن. | |
| ........ تڪو هلي ٿو. | موٽَرُ- موٽَرَ |
| ........ تڪا هلن ٿا. | |
| گاڏي تڪي ........ | هلي ٿي- هلن ٿيون |
| گاڏيون تڪيون ........ | |
| ........ تڪو هلان ٿو. | آءٌ- اسين |
| ........ تڪا هلون ٿا. | |

(ب) جملا ٺاهيو:

| | | |
|---|---|---|
| آءٌ- اسين | سياڻا ڇوڪرا- سياڻو ڇوڪرو | آهي- آهن |
| تون- توهين | چڱيون ڇوڪريون- چڱي ڇوڪري | آهين- آهيو |
| هو- هُوءَ- هو | | آهيان- آهيون |

(ج) ياد ڪريو:

| | |
|---|---|
| آءٌ لکان ٿو.- اسين لکون ٿا | آءٌ لکان ٿي- اسين لکون ٿيون. |
| تون لکين ٿو.- توهين لکو ٿا | تون لکين ٿي- توهين لکو ٿيون |
| هو لکي ٿو. - هو لکن ٿا. | هُوءَ لکي ٿي- هُو لکن ٿيون. |

## سَبَقُ چوڏهون

# اَنڌو فَقير



"ابا هيءُ ڪير آهي؟"

"بابا، هيءُ انڌو فقير آهي، هن کي بازار ۾ ويٺل ڏٺم، ويچارو ويٺو رهيو، پر ڪنهن به هن ڏانهن نه نهاريو. مون کي مٿس رحم آيو ۽ ڪيس گهر وٺي آيس."

"فقير سائين، تون ڪير آهين؟"

"سائين، مان هڪ جَڏو آهيان. بازار ۾ ويٺو هوس ته مَن ڪجهه ملي. پر ڪنهن به ڪجهه نه ڏنو. ڏٺي، اوهان جي نينگر کي خوش رکي. مون کي هٿ وٺي آيو ۽ ماني ڏنائين."

"شاباس پُٽَ! هيڻنِ جي مدد ڪرڻ ۽ بُکين کي مانِي

ڪارائڻ، ثواب جو ڪم آهي. ڏس فقير توکي ڪيئن نہ پيو دعائون ڪري!"

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- ڇوڪري بازار ۾ ڪنهن کي ڏٺو؟
٢- ڇوڪرو فقير کي ڪيڏانهن وٺي ويو؟
٣- ڇوڪري جي پيءُ فقير کان ڇا پڇيو؟
٤- فقير ڇا چيو؟

(ب) خال ڀريو، جيئن:

لکڻ ________ لکُ ________ لکندو
ڊوڙڻ ________ ....... ________
ڏسڻ ________ ....... ________
کڻڻ ________ ....... ________
٢- جهلڻ ________ جهل ________ جهليندو
ٽاهڻ ________ ....... ________
هٽائڻ ________ ....... ________
ڀرڻ ________ ....... ________

(ج) جملا ٺاهيو:

| | | |
|---|---|---|
| اڄ سڀاڻي- ڪالهہ | سومر، اڱارو، اربع، خميس، جمع، ڇنڇر، آچر | آهي، هو، ٿيندو، ايندو. |

## سَبَقُ پندرهون

# وَطن جي حُب

وطن جي مُحبَت جي آ، هيءَ نشاني.
تہ ڪنهن کي نہ سمجهون سَندس مَٽُ ۽ ثاني.

پنهنجي لاءِ سَمجهونس جانبُ ۽ جانِي،
مَٿس جانِ صدقي ڪَرِيُون ۽ جوانِي.

پَنهنجي ديسَ جو ويس پوشاڪ پَهرِيون،
نہ ديسي شين جهڙيُون ٻانيون کي ڀهرِيون.

وطن جي رهاڪن کي ڀاءُ ڀانيان،
وطن کي تہ پنهنجي مِٽي ماءُ ڀانيان.

نہ ڪنهن ۾ بہ ڪو ڀيدُ ۽ ڀاءُ ڀانيان،
انهيءَ ۾ ئي تہ ساز ۽ ساءُ ڀانيان.

وطن جي محبت جي آهي تقاضا،
رهون پاڻ ۾ گڏجي سڀ جڻ سَڳا ڀا.

- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- وطن جي محبت جي ڪهڙي نشاني آهي؟

٢- شاعر ڪهڙي ديس جي پوشاڪ پائڻ لاءِ چوي ٿو؟

٣- اسان کي پنهنجي وطن لاءِ ڇا ڪرڻ کپي؟

(ب) هيٺين لفظن جا هم قافيا لفظ ڏيو:

نشاني ____________

جاني ____________

پاءُ ____________

(ج) نوان لفظ ٺاهيو، جيئن:

جوان ____________ جواني

نشان ____________

بيمار ____________

دوست ____________

ديس ____________

(د) ڪن بہ پنجن پکين، پنجن ميون ۽ بدن جي پنجن عضون جا نالا لکو:



سَبَقُ سورهون

# مورُ

مورُ هڪ تمام سُهڻو پکي آهي. سندس ڳچي ڊگهي ۽ نيري رنگ جي ٿيندي آهي. هن جي مٿي تي هڪ چوٽي ٿيندي آهي، جنهن کي ڪَلنگي چئبو آهي. انهيءَ ڪري هن جو مٿو ڏاڍو سهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.



مور جو پُڇ ڊگهو ٿيندو آهي، جنهن ۾ تمام سهڻا کَنبَ هوندا آهن. هر هڪ کَنبَ تي گول ٽِڪي اٿس، جنهن ۾ پيلو، سائو ۽ نيرو رنگ هوندو آهي. اِنهن ٽِڪين جي ڪري، مور جي کَنبن ۾ ڏاڍي سُونهن ٿئي ٿي.

مور جي ماديءَ کي ڊيلَ چئبو آهي. جڏهن مورُ خوشيءَ ۾ ايندو آهي، تڏهن نَچڻَ لڳندو آهي ۽ پنهنجا پُڇَ وارا کَنبَ اُڀا ڪري، ٽيڙيندو آهي، ٽَڙيل کَنبَ، وڻن وانگر ٿي بيهندا آهن ۽ مور کي وڏيڪ سهڻو بڻائيندا آهن.

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- مور جي ڳچيءَ جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟

٢- مور ڪڏهن نچندو آهي؟

٣- مور جي ماديءَ کي ڇا چئبو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ ڏيو:

چوٽي- ڍيل- سُونهن- ڪنب.

(ج) خال ڀريو:

| | |
|---|---|
| ١- گهوڙي...... پاڻي پيار | کي |
| | ڪان |
| ٢- پيالي...... شربت وجھ | ۾ |
| | مان |
| ٣- هن قلم...... ڪاپيءَ...... لک | وٽ |
| ۴- پٽ...... گهگهي ڪڻ | وٽان |
| ۵- پٽ...... ڪتاب ڪڻ | تي |
| | تان |
| ٦- اسلم...... پينسل وٺ | سان |



سَبَقُ سترهون

# لِڪ لِڪوٽي راند

اَچو تہ لڪَ لِڪوٽي راند ڪريون.
اَسلمَ، تُون هِت بيهُ،
هِيءُ پِڙُ آهي.
هن ڪپڙي سان پنهنجون اکيون بَدُ.
اسين سڀ وڃي ٿا لِڪون.
تُون اسان کي ڳول.
افضلَ، تون ڪُوڪَ ڪَر
اِجهو هُو اسان کي پيو ڳولي.
اَعظم ڪاپي پيو!
چڱو، سليم، هاڻي تون اکيُون بَدَ،
هاڻي تون آگَ ڏي.



# مشق

(الف) خال ڀريو:

١- اڄو ته لڪَ لِڪوٽي...... ڪريون.

٢- هيءُ...... آهي.

٣- هن...... سان پنهنجون...... ٻَڌ.

٤- تون اسان کي.......

٥- هاٿي تون...... ڏي.

(ب) هيٺيان لفظ لکي ڏيکاريو:

**لِڪ لڪوٽي- ٻڙَ- ڳول- ڪاپي- ٻُوٽ- آڳَ.**

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

١- اڄو (وڃو- گهمو- ڊوڙو)

٢- بيهُه (ويهُه- اُٿُ- سُمهه)

٣- ٻَڌُ (ڏِسُ- کول- ٿاه)

٤- ڏي (وَٺُ- سَٽِ- مار)

(د) جملا ٺاهيو:

| | | |
|---|---|---|
| اسلم اڄ | | راند ڪري ٿو. |
| ڪالهه | | راند ڪريون. |
| سياٽي | لڪَ لِڪوٽي | راند نٿو ڪري. |
| روزانو | | راند ڪندو. |
| اڄ ته | | راند ڪري رهيو آهي. |
| | | راند ڪانه ڪني. |
| | | راند ڪندو آهي. |

# سَبَقُ ارڙهون

## هارِي

هاري پيارا جوانَ سَگهارا،
مُلڪ مِٿي جا جيءَ جيارا.

مَهلَ ملي، تَنِي پاڻ مَلهائج،
مِحنتَ جا ڪي، مِينهَن وسائج.

تنهنجي محنت لائي رَنگُ،
ڏُکَ ويحن، تِئِي سُک جو سَنگ.

سَلي سَلي جي ڪر سَنيارَ،
ڪَٽي مَنجهان تين ڪيجَ خَرارَ.

تُنهنجي محنت مُلڪَ جو مانُ،
شال جيئين تون هاري جوان.

# مشق

(الف) شاعر، هاريءَ کي جيڪي چوي ٿو سو پنهنجن لفظن ۾ ٻڌايو.

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

سگهارا- مهل- سک- ڳڻ.

(ج) خال ڀريو:

پڙهڻ ______ پڙهه ______ پڙهو

لکڻ ______ ..... ______ .....

پچڻ ______ ..... ______ .....

ڊوڙڻ ______ ..... ______ .....

(د) هيٺين لفظن جا ضد ڏيو، جيئن:

مٺو ______ ڪوڙو ______ ......

جوان ______ ...... ______ ......

سگهارو ______ ...... ______ ......

ڪٽي ______ ...... ______ ......

ڏک ______ ...... ______ ......



## سَبَقُ اُوڻيهون

# ڀاڄيون ۽ ميوا

الله تعاليٰ، انسان لاءِ، ڪيترين ئي نعمتون پيدا ڪيون آهن. جن ۾ ڀاڄيون ۽ ميوا به اچي وڃن ٿا

ڀاڄيون توڙي ميون لاءِ، سٺي زمين جي ضرورت آهي ۽ پاڻي به جهجهو گهرجي.

ڀاڄيون هر موسم ۾ ٿين ٿيون: اونهاري جو ڀينڊيون، توريون، ڪريلا، ڪَدُو، لوڙڪ، ميها ۽ مرچ ٿين. سياري جو بند گوبي، گُل گوبي، گوگڙو، گجَر، موريون، پٽاٽا، ٽماٽا، ٿومَ، بصر، واڱڻ ٿين. ڪن هنڌ وري ٻِهه به ٿين.

ميون جي به موسم ٿيندي آهي. اونهاري جو اَنبَ، کجور، ڦاروا، ليما ۽ تُوتَ، انگور ۽ زردالو ٿين. سياري ۾ وري ٻير، موسميون، نارنگيون، زيتون ۽ ڪيوڙي جون ڦريون ٿين.

ڀاڄين ۽ ميون ۾ طاقت رکيل آهي، جن جي کائڻ سان، انسان سگهارو ٿئي ٿو. ڪيترين ڀاڄيون ۽ ميوا تہ بيمار جي خاص خوراڪ آهن.

# مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- الله تعاليٰ اسان جي کائڻ لاءِ ڇا پيدا ڪيو آهي؟

٢- اونهاري جون ڪهڙيون ڀاڄيون آهن؟

٣- سياري جون ڪهڙيون ڀاڄيون آهن؟

٤- اونهاري ۾ ڪهڙا ميوا ٿين؟

٥- سياري ۾ ڪهڙا ميوا ٿين؟

(ب) جملا ٺاهيو:

| | | |
|---|---|---|
| (مان) ______ مون | ڪتابُ- ڪتابَ | ورتي- ورتيون/ ورتو- ورتا |
| (اسين______) اسان | ڪاپي- ڪاپيون | پڙهي- پڙهيون/ پڙهيو- پڙهيا |
| (تون______) تو | پينسل- پينسلون | لکي- لکيون/ لکيو- لکيا |
| (توهين______) توهان | رٻڙُ- رٻڙَ | پڇيو- پڇيا |
| (هو______) هن | قلمُ- قلمَ | ڏنو- ڏنا |
| (هُو______) هنن | لفظُ- لفظَ | |
| | سوالُ- سوالَ | |
| | جوابُ- جوابَ | |





سَبَقُ وِيهون

# ڪَمُ ڪارُ






خاني مان ڪتابُ ڪَڍُ.



ڪِيسي ۾ قَلمُ وِجهُ.



ڪُرسيءَ تان ٽُوالُ ڪَڻُ.

اَسلمَ ڪان پين وَٺُ.



ميز تي چاڪُ رکُ.



بورڊِ صاف ڪَر.

بورڊِ تي چاڪَ سان لِکُ.



چاقوءَ سان ڪِلڪ گهڙِ.



مَسُ سان ڪاپيءَ تي لِکُ.

افضلَ کي ڪتاب ڏي.



أستاد کي سَلامُ ڪَر.

اعظم سان هَٿُ ملاءِ.

هائي گِهندُ هَڻُ تہ،

ٻار گهر وڃن.



## مشق

(الف) هيٺيان خال ڀريو:

١- خاني ...... رول وجهہ

٢- ميز ...... ڪتاب رکُ

٣- اڪبر ...... ڪاپي ڏي

٤- کَٽَ ...... ڪپڙا ڪَڍُ

٥- اسلم ...... پينسل وَٺُ

٦- دريءَ ...... ٻوٽ هڻاءِ

ڪي- ۾- مان

ڪان- تي

وٽان

(ب) نوان لفظ ٺاهيو، جيئن:

خانو ________ خاني

ڪيسو ________ ..........

گھوڙو ________ ..........

ڇوڪرو ________ ..........

(ج) پنج پنج ڀيرا لکو:

ٻَرَڻُ- لِکَڻُ- وَڏَڻُ- وِڄَهڻُ- ڪَٽَڻُ.

(د) خال ڀريو:

| | |
|---|---|
| ١- اڪبر دوست ...... خط لکي ٿو. | ڪي- مِ- |
| ٢- ڇوڪري چاقوءَ ...... انب وڍي ٿي | سان- تي. |
| ٣- هُو خاني ...... رول وجهي ٿو. | |
| ٤- هُو ڪرسيءَ ...... ٽوال رکي ٿو. | |

## قومي ترانو

پاک سرزمين شاد باد    کِشورِ حسين شاد باد
تونشانِ عزمِ عالي شان    اَرضِ پاکستان
مرکزِ يقين شاد باد
پاک سرزمين کا نظام    قُوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلک، سلطنت    پائنده تابنده باد
شاد باد منزلِ مُراد
پرچمِ ستاره و هلال    رهبرِ ترقّي و کمال
ترجمانِ ماضي شانِ حال    جانِ استقبال
سايۂ خدائي ذوالجلال

| سلسليوار نمبر | 5951 | ڪوڊ نمبر 55 | |
|---|---|---|---|
| ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال | ڇاپو | تعداد | قيمت |
| Sep. 2006 | First | 30,000 | 11.95 |